# نـيــڪــي

مُحمّد صديق ”مسافر“ پهرين اپريل **1879**ع تي ٽنڊي باگي ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو بلال هو، جيڪو پوءِ بدلائي گلاب رکيو ويو. ”مسافر“ پهرين مڪتب ۾ ۽ پوءِ اسڪول ۾ پڙهيو.

ورنيڪيولر فائنل پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ماستر ٿي ڀرتي ٿيو. هُو ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد پڻ ٿي رهيو. ”مسافر“ سنڌي ٻوليءَ جو اعليٰ اديب ۽ شاعر آهي. نثر ۽ نظم ۾ هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. ”ڪُليات مسافر“ ۽ ”گلشن خيال“ سندس شاعريءَ جا ڪتاب آهن. ”مسافر“ **1961**ع ۾ وفات ڪئي.

## دل

جـــو قـــلـــب ڪـــرم لطف عطـــا جو گهر ٿيو،
تـــي جـــاءِ تسليـــم جـــي رضـــا جو گهر ٿيو؛
نيڪيءَ جـــي بـــنـــي جـــاءِ ”مسافـــر“ جـــا دل،
ســـا دل تـــہ قسم رب جـــو خـــدا جـــو گهر ٿيو!

## نيڪي

مـــون ســـان جـــي ڪٿي ڪوبہ بُرائي تو ڪري،
دل منهنجي بُرائـــيءَ مـــان نـــہ تـــہ بـــہ ان ڏي وري؛
آءٌ ان ســـان بہ دل ســـاڻ ڪندس پـــيـــو نـــيـــڪـــي،
تـــوفـــيـــق جـــو هـــٿ شـــال خـــداونـــد ڌري!

## نياز ۽ نوڙتَ

جـــي تـــوكـــي "مـــســـافـــر" ارجمنـــدي گهرجي،
جـــي تـــوكـــي دنـــيـــا ۾ حـــق پسندي گهرجي؛
وٺ جـــان ۽ دل ســـان خاكســـاريءَ جـــي واٽ،
نِـــوڙِي هـــل جـــي تـــوكـــي بلنـــدي گهرجي!

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- **شاعر خدا جو گهر ڪهڙي دل کي ٿو سڏي؟**
2- **ٻيو نمبر رباعيءَ ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي؟**
3- **بلندي حاصل ڪرڻ لاءِ شاعر ڪهڙي صلاح ٿو ڏئي؟**

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

قلب – رضا – توفيق – ارجمندي – نِوڙي.

**(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

ڪرم – نيڪي – بلندي – برائي.

(د) **"هُو" "هُن" ضمير اشارو ڏور لاءِ ڪم ايندا آهن، توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ ڪتب آڻيو.**